روح جا روشندان

مرچومل "سوڻي"

[illegible]

[illegible]

[illegible]

روح جا روشندان

(شعرن جو مجموعو)

مرچومل "سوني"

سوني پبليڪيشن، اجمير

ارپڻ-

سدا حيات پرم آدرشي ڀارتي شيام

۽

آدرشي گوورڌن ڀارتيءَ کي

”سوني“

دل جي ڳالهه!

جڏهن منش جي گهٽَ ۾ سرسوتي ديوي واسو ڪري ٿي، اهو ٿي پنهنجيءَ ڀاونا، اُنيڙ ٽوڙي اُڻوٽيءَ جي ڀل ڪري اُنهيءَ الوڪ ڀاڻيءَ جو اُچارڻ ڪري ٿو، جڏهن کي ڪوتا جي ڀالي سان سڏيو يا پڪاريو وڃي ٿو.

مان نه ڀاءُ مرچوءَ کي چوندو رهندس ته. مُرچو، مرچو! ڀل چئو ۽ سدائين چوندو - چوائيندو رهه، جيڪي پنهنجي ڀاونا، اُنيڙ ۽ اُنيڙ تي ٽوڪان چوائيندي! رهي. هرو ڀرو ودوان آدمين جي فتوي لاءِ گهٽي لالسا نه رکه. جيڪي ڪڏهن ريت ٿيون چوڻ ۽ اُچارين ٿو، اهو پاڻ ڳائي ٻين کي ڳائڻ جي ٻر ٻرنا ڏيندو رهه! ٽو ٿي نه چيو آهي:-

"ڪڏهن نه ڳڻيون ساگر جون چوليون"
آهن جي اُنيڙ جون ٻوليون!
ٻيڙن ۾ پاتال سمايو،
چانديءَ ۾ ڀونچال سمايو،
ٻُر پنهنجو آڪاس مٿل آ،
ٿو ۾ ناڀو ٿال سمايو!

(اهو ڀي، ته ٽو ٿي چيو آهي ....)
اندر واٽي جڏهن لڳي ٿي،
ٽڏهن نه مستي موج مچي ٿي
مان خود عجب الهيءَ ۾ آهيان،
ڪٿان لڪڻ جي اوج اچي ٿي!

Roohā - Ja - Roshandan

(Collection of Poems)

By : Mirchumal Soni

First Edition : 1989

Soni Publication
317, Keshav Nagar
(Vaishali Nagar)
Ajmer - 305001

Price Rs. 20/-

Cover Design by: Prahlad Karamwani

Published by : Shewakram Soni
325, Keshav Nagar,
(Vaishali Nagar)
Ajmer - 305001

Printed by : Girdharilal Gur
Kohinoor Printers,
Shekha Mohalla,
Diggi Bazar,
AJMER - 305001

This book has been published with the Financial assistance of Rajasthan Sindhi Akadamy, Jaipur

ا

راڻي اهڙو راڄ ٻڌاءِ
پتجهڙ ۾ ماڻي تون بهارون - ٿر ٿر ۾ گلشن مهڪاءِ
راڻي اهڙو راڄ ٻڌاءِ

ڌرتي جهومي امبر جهومي - هر پٿر ۽ ڪک هر جهومي،
توسان گڏ جي واديون ڳائن - چنڊ تارا ٿي سُرت پلائن،
اهڙي ڪا تون تان لڳاءِ - راڻي اهڙو راڄ ٻڌاءِ.

اوس مٿي تون نرمل واٽي - جهومي جتن راڻن جي راٽي
مکڙيون مهڪن ٻهه ٻهه ٻهڪن - مور پپيها چهڪن،
مٺڙا مٺڙا سر گونجاءِ - راڻي اهڙو راڄ ٻڌاءِ.

ڪائنات پل ڀرا ٻاڻي - سرجڻهار ٻه سرت پلائي،
مستيءَ ۾ سڀ جهومڻ ڳائن - توسان گڏ جي موج مچائن،
خود جهومي جڳ کي جهوماءِ - راڻي اهڙو راڄ ٻڌاءِ.

اهڙو راڄ چيڙاو راڻي - تانڊو تال ٻوي اڄ جاڳي،
ڌهه ٿي ڌساتون تال وڄائن - شدڪ ناد گهڙيال وڄائن،
ڌرتي ڌوڌ ڪڪن گرجاءِ - راڻي اهڙو راڄ ٻڌاءِ.

ٿي سُڙيءَ ۾ هلندي هلندي،
مون نه ڪڏهن ڪو موڙ نه پاتو!
ڪنهن سنڌوءَ جو ٿوڙ نه پاتو!

منهنجي نظر ۾ اوهان پنهنجي هـن ننڍين پستڪ، ”روح جا روشندان“ ۾ جيڪي ستهتر رچنائون ڏنيون آهن، اُهي هر ايڪ آئيو ڇاهي مشاهدي جو پرماڻ ڏيـن ٿيون. اوهين خود ڳائيندڙ پکي آهيو. انهيءَ ڪري اوهانجي لاهوتـي لاٽ لاءِ ڪنهن ٽيڪا يا اوقات جي گنجائش باقي رهي نٿي.

شاعر پنهنجي شعور جـي پرپرنا پيا آڌار ڏي، جيڪي ۽ جنهن وقت جوي پيا لکي ڏنـو، سندس اُها رچنا يا ويچار ڪڏهن به پراڻو ٿوڙي مدت خارج ٿئي نٿو. ڇـو ته هـن وشال - وشوَ ۾ هلندڙ وهنوار جي گهڙيال (ڪال چڪر) جي سئي الائي ڪڏهن وري اچي ٿي اُنهيءَ سائڻي ويچار کي ڇُهي ۽ ڇيڙي، جنهن ڪـي شاعر پنهنجي طـرح ٿوڙي مصراعن جـي بندن ۾ پڌي گنگنايو يا ڳايو آهي!

آخر ۾ ايترو ٿي عرض ڪندس ته **شري مرچومل سونيءَ** ساري عمر مٺين ۽ موتين جي گهڙَ-جَڙَ ٿوڙي ٿور ٿڪ ۾ گذاري آهي، جيڪي موتي اوهي ساگر جي ٿري منجهه سپن جي پيٽ ۾ پاتا ۽ لپنيا آهن. حقيقت ۾ ڪا صرافي نظر ٿي اُنهن جي پرک ڪري سگهندي ۽ بس!

هوندراج ”دکايل“
آدپور (ڪڇ)

٣

هندو ناهيان، مومن ناهيان، مان آهيان انسان،
منهنجو هڪڙو ئي ايمان.

ساري ڌرتي منهنجي ماتا - ويدن ۾ ئي هن جا گُڻ ڳاتا،
هندو مومن سک عيسائي - سڀ سان منهنجا گهرا ناتا،
مومن لئه پير فقير اهو ئي - ساڌن آ ڀڳوان،
منهنجو هڪڙو ئي ايمان.

او وڻجارا ڇو نٿو ڳائين ؟
پنهنجو ئي ٿو من بهلائين - يا ٻين کي ٿو ريجهائين؟
او وڻجارا ڇو نٿو ڳائين ؟

ٽُڪ ٽُڪ ۾ آ راز سمايل - راز ڀريو آواز سمايل،
سُر سُر ۾ ڪو سوز ڀريل آ - ڪيترن سان لوڪن کي گھائين،
او وڻجارا ڇو نٿو ڳائين ؟

تنهنجو ساٿي هي يڪتارو - جو توکي پراڻن کان پيارو،
پنهنجو درد ونڊين ٿو هن سان - يا ڪنهن کي ٿو سور سڻائين؟
او وڻجارا ڇو نٿو ڳائين ؟

توکي ڪنهنجي سار ستايو - يا تو ڪنهن سان نينهن اڙايو،
ڪنهنجو الڪو اٿئي اندر ۾ - ڇو تون ڳجهه جي ڳالهه لڪائين؟
او وڻجارا ڇو نٿو ڳائين ؟

ڏينهن هليو ويو رات به آئي - تنهنجي واٽ اهائي وائي،
ڪڏهن ڪڏهن تون لڙڪ لڪائين -
ڪڏهن ڪڏهن ويٺو مسڪائين -
او وڻجارا ڇو نٿو ڳائين ؟

۴

أڏري ڪالڪل وڃو ٿ ڀندا - منهنجا سلام سؤ سؤ،
مٺن محبت جا اوليندا - منهنجا سلام سؤ سؤ.

ليهن پڙ ٻو هي ٻاپو ٿ ڀندا - ڪڏهن اسان وٽ پير ڀريندا،
حال حبيبن سان اوريندا - منهنجا سلام سؤ سؤ.

جنهن سان رب جو رشتو آهي - سو جڳ ڀاءُ فرشتو آهي،
پنهنجي ساهن ۾ ساليندا - منهنجا سلام سؤ سؤ.

ڪجهه هدن سان روح رهاڻيون - محبوبن سان قرب ڪهاڻيون،
منهنجو جيءُ جياپو ڏيندا - منهنجا سلام سؤ سؤ.

سدن جا ماڻهو سهڻا - من موهيندڙ مکڙا مُهڻا،
خوش ٿي اکڙين سان لائيندا - منهنجا سلام سؤ سؤ.

خيرن جو خط سان ڪڻي وڃ - خبرن جي هيءَ ڪاڻ ڪڻي وڃ،
قربن سان سڀڻ قبوليندا - منهنجا سلام سؤ سؤ.

مون لئه مسجد مندر ساڳيو - گرد وارو گرجا گهر ساڳيو،
ساڳيو رام رحيم به ساڳيو - مون لئه پير پيغمبر ساڳيو،
هڪڙي ئي خالق جنهن جوڙيو - سارو هي جهان،
منهنجو هڪڙو ئي ايمان.

بابا بابو ملان قاضي - پنڊت گرو شيخ نمازي،
سڀني جو هڪ ئي رکوارو - سڀ ئي هڪڙو ئي رب راضي،
مونکي پيارا آهن گيتا ويد انجيل قران،
منهنجو هڪڙو ئي ايمان.

مالها جا سڀ آهيون موتي - سڀ جي اندر هڪ ئي جوتي،
کنهن پاتي سلوار پجامو - ڇا ٿي پيو کنهن پاتي ڌوتي؟
سڀني ڌرمن جو سنگم آ - ڀارت ديش مهان،
منهنجو هڪڙو ئي ايمان.

اچو ملي سڀ گڏجي ڳايون - ڀارت جي جئڪار مڃايون،
ٽڙي کيون نفرت کي دل مان - رنگن کي اچ گلي لڳايون،
دنيا جا سڀ مت ۽ مذهب - سڀ پيچ انو سمان،
منهنجو هڪڙو ئي ايمان.

ڪپن ڪڌارن لي ڇا آهي ؟
تر تڙڻ تنهنجو ڪم ناهي ،
هٿي نه هڻ هٿ پير اجايا ،
اندر اٿئي خوبين جي کاڻ ،
آڻ ، مهڪندڙ موتي آڻ .

هيٺ تري ۾ موتي ملندءِ ،
اندر املڪ جوتي ملندءِ ،
اڳيان اٿئي املو خزانو ،
اوٿهين مڇهه، ترو تون ڄاڻ ،
آڻ ، مهڪندڙ موتي آڻ .

متان سپن لي دل هرڪائين ،
تون سچ جو سوداگر سائين ،
ڪچ ڪوڏين سان ليکهن نه لائج
تون پرکيندڙ پاڻ سڃاڻ ،
آڻ ، مهڪندڙ موتي آڻ .

۵

هڻي ٽُٻي گهڙ مڇه مهراڻ،
آڻ، مهڪندڙ موتي آڻ!

ٿر تي تون ترڪين ٿو ڇا لئه؟
ڇولين ڪان ڇرڪين ٿو ڇا لئه؟
تيڏا ني ماڻهن ڀن موتي،
جيڏي لوچهدين گهراڻ،
آڻ، مهڪندڙ موتي آڻ.

ساجن سرچي آءِ،
اڱڻ ۾، ساجن سرچي آءِ.

تون آئين جنهن گهر ۾ آيو - سرهو سرهو واءِ،
اڱڻ ۾ ساجن سرچي آءِ.

تنهنجو مون سان، منهنجو تو سان - ازلئون لڳ لڳاءِ،
اڱڻ ۾ ساجن سرچي آءِ.

سالن کان تو کين لڌو آ - منهنجو ڪوهه سماءِ،
اڱڻ ۾ ساجن سرچي آءِ.

مون عيبن جا عيب ڍڪي وڃ - مونتي ڪر ڪهڪاءِ،
اڱڻ ۾ ساجن سرچي آءِ.

تون ٿي يار اڪاري سگهندين - مون پاپن جي ڏاءِ،
اڱڻ ۾ ساجن سرچي آءِ.

ورهه وڇوڙي گهائي آهيان - آءِ اچي ٻڌ گهاءِ،
اڱڻ ۾ ساجن سرچي آءِ.

تو ان سيج سُڃيءَ مان ايندو - پونڻ ڪهڙو ساءِ،
اڱڻ ۾ ساجن سرچي آءِ.

٦

اٿي پڻهارڻ پاڻي اوس،
ليڻن مان جي ليمهن ۾ اوليڻ - منڙي واڻي اوس،
اٿي پڻهارڻ پاڻي اوس.

آءٌ ازل کان آهيان پياسو - ڪين ڏنو ڪنهن دم ۾ دلاسو،
منهنجي پياس مٽائڻ خاطر - پنهنجو مرم سڃاڻي اوس،
اٿي پڻهارڻ پاڻي اوس.

ساهه سُڪو ٿيو لڳ لڳ ساڻو - منهنجو ڪو ني ناهه ٺڪاڻو،
پاڻيءَ ۾ جڻ مڇلي پياسي - انهن اڇابل جاڻي اوس،
اٿي پڻهارڻ پاڻي اوس.

من منهنجو آ ماندو ماندو - قسمت آهي مونکي آندو،
منهنجي پياس پڇاڻي، پنهنجو پاڻي جاڻي واڻي اوس،
اٿي پڻهارڻ پاڻي اوس.

پير ڦٽي ٿيا قارون - ڪين مليو ڪو دل جو دارون،
پنهنجي محب مٽي جي دل ني - راڄ ڪرڻ او راڻي اوس،
اٿي پڻهارڻ پاڻي اوس.

نچندا ٽپندا لڏندا ڪڏندا، مور پپيها آيا،
سڀني مٺڙيون بوليون بوليء، سر ۾ سر گونجايا،
وڻ وڻ تي پکين جا ڏيرا -
کيتن ۾ ٻت ٻت ڪن ڦيرا -
مڙوين ۾ اڄ جهنڊي جهنڊي وڄي رهي شهنائي آ،
هار ڪري سينگار نوهلي نئين دلهن مسڪائي آ.

لام لام تي لڏي رهيو طوطو مٺڙا مٺواري،
ٽارين جي جهولن تي جهولي مٺڙي بلبل پياري،
آکين ۾ موج مستي آ -
موسم پياري رنگ رلي آ -
ڌرتيء تي جڻ سرڳ، مٿان امرت برسائڻ آئي آ،
هار ڪري سينگار نوهلي نئين دلهن مسڪائي آ.

پياسا ٻوٽا گن گن ڳائي ڪليء کي کهائن،
گلن ڦلن تي ڦيرا پائي مکڙين کي رجهائن.
هر هنڌ ڦولي آ ڦلواري -
سرهي سرهي پياري پياري -
مٺڙي مٺڙي هير لڏيري، هر هنڌ مستي ڇانئي آ،
هار ڪري سينگار نوهلي نئين دلهن مسڪائي آ.

٨

پريت سندي اڄ ٻولي ٻائي - رُت بسنت جي آئي آ،
هار ڪري سينگار نويلي نئين دلهن مسڪائي آ.

رنگ رنگيلا پنڇي پياري، مور اچڻ لڳا آئيو،
ڀونئرن ٻاني ڀل ڪري ٻئي، کيل ڪرڻ جو سعيو،
باغن منجهه اُمنگ مچو آ-
رت بسنت جو رنگ رتو آ-
ٽار ٽار تي ڪويل مٺڙا، گيت سڻائڻ آئي آ،
هار ڪري سينگار نويلي نئين دلهن مسڪائي آ.

مرڪ مٿي ڪا ڪڏهن ونت ناهي -
هر ڪڏهن ڪلفت سانديءِ آهي،
سڪو پٽيو سوارت جو ساٿي -
ڀِـن جي نوبي ھُن آ لاٿي،
منصف قاضيءَ خواه مکيءَ ونت -
عدل نہ آ انصاف نہ آ.
راجا ونت انصاف نہ آ.

ڌرم ڪرم ڪو ڪين سڃاڻي -
ناڻگو تو همت موجون ماڻي،
هر ڪڏهن واٽ اهائي واٽي -
ناهہ شڪايت جي شنوائي،
چور ٻہ اندر مور ٻہ اندر -
ڪڏهن ڪي ٻي ڪيچ معاف نہ آ.
راجا ونت انصاف نہ آ.

جتي هٿا همسن جا ڏيرا -
ڪانگن جا آس پٽيا بسيرا،
ڪير سڏائي تي اڄ راڻي -
ڪوئل ٻري ڪانو جو پاڻي،
سڀ ڪيچ ڪوڏين جا واپاري -
سچ جو ڪوبہ صراف نہ آ.
راجا ونت انصاف نہ آ.

٩

راڄا وٽ انصاف نہ آ. پرڄا جي دل صاف نہ آ،
اُڃ لڦڪا شور مچائن. ڪوبہ هٿي اشراف نہ آ.

مٺ ۾ آهي ساهہ سڀن جو.
ڏکي رهيو ويساهہ سڀن جو،
خوف ڪيا آهن سڀ ساٽا.
ويـر بـٽيا آهن ويڳاٽا،
ڏاڍا هيٺن کي هيسائن.
تن جي ڪوبہ خلاف نہ آ.
راڄا وٽ انصاف نہ آ.

پيرن ۾ پاتال سمايو - چاٽيءَ ۾ پوُ اڀال سمايو،
سِرُ ڏهڪجو آڪاش مثل آ - تو ۾ ٽالبو ٽال سمايو،
آسمان ڏي ڪيئين اُڏاڻا - پر اُن جو ڪنهن ڇوڙ نه پاتو،
ڪنهن سنڌوءَ جو ٿوڙ نه پاتو!

سيج سياءَ ڪيان گرم گرم آ - چنڊ ٽڪارو نرم نرم آ،
تارا خود ٿي ٽم ٽم ڪن - اهو هنن جو ڌرم ڪرم آ،
رشي مُني ٿيا مڪر گيان جو - ڪنهن ٻي سار ڇوڙ نه پاتو.
ڪنهن سنڌوءَ جو ٿوڙ نه پاتو!

اندر واٽي جڏهن نڪي ٿي - تڏهن نه مستي موج مچي ٿي،
مان خود عجب الهيءَ ۾ آهيان - ڪٿان لکڻ جي اوج اچي ٿي؟
ٻي سرٽيءَ ۾ هلندي هلندي - مون نه ڪڏهن ڪو موڙ نه پاتو،
ڪنهن سنڌوءَ جو ٿوڙ نه پاتو!

١٠

ڪنهن نه ڏٺيون ساگر جون ڇوليون -
ڪنهن سمنڊ جو ٿورُ نه پاتو،
متي ڪنارا شور مچائن - گهرائيءَ ۾ گوڙ نه پاتو.
ڪنهن سمنڊ جو ٿورُ نه پاتو!

ڪنهن ماپيو هي نيل گگن آ - ڪنهن توريو ڌرتيءَ جو اُن آ؟
ڪنهن پاتال گرڀ کي ڦولهيو - ڏٺو نه اُن ۾ ڪهڙو ڌن آ؟
ڌرتيءَ آڪاش ملڻ جو - ڪنهن [illegible] به ڪٿي ڪو جوڙ نه پاتو.
ڪنهن سمنڊ جو ٿورُ نه پاتو!

باغن منجهه مٺو ٽڙا ٻولن مٺڙيون ٻوليون،
ماءُ ڏي ٻچي ٻنگهي ۾ ٻچڙن کي لوليون،
سرڪي سور ٻپيها ڳائن،
هِت هُت ڦيرا ڦِت ڦِت لائن،
ڪڏهن ٻڌان ٿو گهنڊ گهڙيالا، ڪڏهن ٿو ڏسان نماز،
اولهه کان آيو آواز.

ٻڪتاري اي ڪو ديوانو ڳائي ويٺو،
ڪافيون دوها وايون گيت سڻائي ويٺو،
ڍول منجيرا چنگ وڄن پيا،
شهنايون مردنگ وڄن پيا،
ڪڏهن ٻڌان پيو شاهه، سچل سرمست قلندر ۽ شهباز،
اولهه کان آيو آواز.

١١

اولهه کان آيو آواز ـ اُٿي وڃائي ويٺو ڪوني،
شايد مٺڙو مٺڙو ساز.

ڍهل دماما وڄي رهيو ن آهن شهنايون،
ملي پاڻ ۾ ڳائن وٺيون تن جون جايون،
ڍولڪن جي جهڻڪار ٻڌان پيو،
ڇيرن جي ڇمڪار ٻڌان پيو،
آهه اهڙن ڇيڄن ۾ ڳهرو ڪو نه سمايل راز،
اولهه کان آيو آواز.

طوطا منهنجي ٻـر جا - ٿـا ٻـڙ ڏان ڏوارين ،
ٻـڙ ڏان ڏوارين - سي سارون ٿيون سارين ،
طوطا منهنجي ٻـر جا .

طوطا منهنجي ٻـر جا - اڄ هنجون ٿا هارين ،
هنجون ٿـا هارين - سي ڳوڙهن سان ڳارين .

طوطا منهنجي ٻـر جا - ٿـا ات ات ٿهارين ،
ات ات ٿهارين - سي ٻـل ٻـل ٻڪارين .

طوطا منهنجي ٻـر جا - ٿـا ڪليو ڪيڪارين ،
ڪـليو ڪيڪارين - سي مهارون مارين .

طوطا منهنجي ٻر جا - ٿا ٻريت سڄي ٻارين ،
ٻريت سڄي ٻارين - سي مڄڻ سان گهارين .

طوطا منهنجي ٻـر جا - ٿـا روئن روئارين ،
روئـن روئارين - سي چوڳـو نه چاڙهين .

۱۲

مهر سندا شل مينهن وسن،
منهنجي مٺڙي ملڪ مٿان!

ڪيٽ ڪيٽ ٿي ٻادل گجن- ٻاجهه ڀريون ڪي ٻولڊون ٻرسن،
رب راضي ٿي اوتي آهي،
ٻوند ٻوند جڙ موتي آهي،
رم جهم رانيان ڏينهن وسن - منهنجي مٺڙي ملڪ مٿان.

گهمن ڦرن گهنگهور گهٽائون- مينهن ڀڄيءَ جون مست هوائون،
مؤلا مرڪي مهر ڪئي آ،
مينهن سندي ڪا وهر ڪئي آ،
جيئن آيا شل ليئن وسن - منهنجي مٺڙي ملڪ مٿان.

ڪلندا ٽلندا هاري ناري - ڏسي ڪنوار جان پون ڀلاري،
ڀلي ڏ. ڪن سڀ ناٽا ماٽا،
لڇن نچن ڳائن ڳوناٽا،
ڀر نارين جا ليهن وسن - منهنجي مٺڙي ملڪ مٿان،

١٥

آءُ ڪريون ڪا ڳالهه، ملڪ جي رات وڃيئي،
آءُ ملڪ جي رات وڃيئي.

چنڊ لٿو جنهن ڪٽي چاندني - ڌرتيءَ تي جرڪ لٿي ڪامڻي،
رنگ رتي هيءَ رات،
ٻنيان ٻر ڳالهه، وڃيئي،
آءُ ملڪ جي رات، وڃيئي.

ٽڪي ٽڪي ٽيون اکڙيون آليون - اوجاڳن ۾ ڪجن راليون،
ڳارن جـي ڳاراس،
ڳڪن جي لاس، وڃيئي،
آءُ ملڪ جي رات وڃيئي.

اڄ اسر جوهون ومتا ڳنديون - سرليون سهڻين سهاڻيديون،
ڏنهنجي منهنجي ڳالهه،
سڄن جي رات وڃيئي،
آءُ ملڪ جي رات وڃيئي.

اڙي اڙي آءُ ٻڪيئڙا، اڙي اڙي آءُ،
تون ايندين جڏ مولکي ايندو سانگيئڙن جو ساءُ.
ٻڪيئڙا، اڙي اڙي آءُ.

خبرن جي ڪا ڪاڻ ڪٽي آ - مون لئه روح رهاڻ ڪٽي آ،
آءُ نه وٺي ڪريون رهاڻيون - سانگيئڙن جون ٻيون ٻراڻيون،
چئه ڪنهن هٿڙا هٿ مٺڙا مارو - ڪنهن هٿي جهجهل ماءُ، ٻڪيئڙا،
اڙي اڙي آءُ.

لام لامن ۾ لڏندي هوندي - ڪويل مٺڙا ڪڏندي هوندي،
ٻوڏر گن گدائيندا هوندا - باغن ۾ ڳائيندا هوندا،
هير لڏ ٻري لڳندو هوندو - سرهو سرهو واءُ، ٻڪيئڙا،
اڙي اڙي آءُ.

ننهڙا ٻچڙا جڙائيندس مان - مولين سان مڙهائيندس مان،
آءُ نه توکي پٽ پهرايان - خوراڪون خاصيون کارايان،
کير کنڊون ۽ مکڻ ملايون - ڪٿ ڪي وٺي کاءُ، ٻڪيئڙا،
اڙي اڙي آءُ.

ماروئڙن لئه اکڙيون آليون - روز رُنن ۽ پائن جهاليون،
راتيون گذريون، ڏينهن هليا ويا - ساوڻ جا مينهن هليا ويا،
ڏينهن ڪڏهن ويو راس ڪڏهن ٿيو - مولکي سدا سماءُ، ٻڪيئڙا،
اڙي اڙي آءُ.

١٧

من مندر جي اندر هڪڙي،
سندر سهڻي مورت آ!

اُن مورت جي اندر تنهنجي،
هڪ اولاشي صورت آ!

اُن صورت کي سمجهڻ جي لاءِ،
تنهنجي گهڻي ضرورت آ!

تنهنجي مهر ميا ان منهنجي،
ڪڏهن نه ليڻي پورت آ!

صاف سچو آ سينو منهنجو،
من ۾ ڪين ڪدورت آ!

نه ڪو پيار ٿي هو، نه اقرار ٿي هو،
نه آدم اڃا هو، نه سنسار ٿي هو،
تڏهن ڪير هو؟

نه سج جو شرو هو، نه چنڊ جو پرو هو،
نه ڌرتي نه ساگر سندو ڪو لڳو هو،
نه امبر سندو ڪو به آثار ٿي هو، تڏهن ڪير هو؟

هيون ڪين راتيون، نه ڪي ڏينهن ٿي هئا،
نه گرميون نه سرديون، نه ڪي مينهن ٿي هئا،
جڏهن ڪو اجالو، نه انڌڪار ٿي هو، تڏهن ڪير هو؟

نه ڪوئي ڌرم هو، نه ڪوئي ڪرم هو،
عدل جو نه نالو، نه ڪوئي ڀرم هو،
نه رحمت نه ڪو هت گنهگار ٿي هو، تڏهن ڪير هو؟

نه ڪو ٻار ڄائو، نه ڪا هئي جواني،
هئي ڪين پيريءَ سندي ڪا نشاني،
نه انسان جو ڪو به ديدار ٿي هو، تڏهن ڪير هو؟

١٩

ڪاري ڪاري رات، مٿان برسات،
نه وڃ اڄ رات رهي پئو.

جُهڙ ڦڙ آهه. ڦُهارون آهن. جڻ امرت جون ڌارون آهن،
ڪري اڌوري ٻات، مٿان برسات،
نه وڃ اڄ رات رهي پئو.

ماٺي وٽ تون رات اجوڪي. سونهن پري سوغات اجوڪي،
پيار ڏڻه جا ڏات، مٿان برسات،
نه وڃ اڄ رات رهي پئو.

تنهنجي لئه مان نيڻ وڇايان. پلڪن جي مان سيج سجايان،
تن ۾ تنهنجي تات، مٿان برسات،
نه وڃ اڄ رات رهي پئو.

توسان منهنجي سونهن سڀالي. محب ٻڌان مان لڳان ابالي،
واڻي تنهنجي وات، مٿان برسات.
نه وڃ اڄ رات رهي پئو.

تون راجا مان تنهنجي راڻي، تنهنجي منهنجي پريت پراڻي،
جاڳي آ جذبات، مٿان برسات،
نه وڃ اڄ رات رهي پئو.

موڳو نجاڻه نـه مور، مڙا، موڳو نجاڻه نـه مور!

ٻل ٻل ٻيا ٻل سو ر ستائن، چلڻ چُڪي ٿين چوُر، مڙا،
موڳو نجاڻه نه مور!

آخر ايندا ڏينهن سکن جا، ڏکڙا ٿيندا دور، مڙا،
موڳو نجاڻه نه مور!

ويندي ڪٽهي رات اوندهي، ٿيندي صبح ضرور، مڙا،
موڳو نجاڻه نه مور!

مٿان ٻرندڙ سان سيندو ساهين، مور نه ٿيءِ مغرور، مڙا،
موڳو نجاڻه نه مور!

حال حبيبن سان ٿو ن اوري، سارو سلجاڻه سور، مڙا،
موڳو نجاڻه نه مور!

جو نيڻو آ نيندو سوٽي، جو هـن کي منظور، مڙا،
موڳو نجاڻه نه مور!

نه ٻچپڻ ٿڪي ٿو، نه جواني رهي ٿي،
نه پيريءَ سندي ڪا، لشالي رهي ٿي،
جمڻ ساڻ گهر ۾ نغارا وڄن ٿا،
مرڻ ساڻ گهر منجهه ماتم مچن ٿا،
اچڻ ۽ وڃڻ جو چڪر آهه جاري،
نه ڪنهن جي اڳياڙي نه ڪنهنجي پڇاڙي،
لڳن ٿا سڀئي اڌورا اڌورا،
ڪندو ڪير پورا، ڪڏهن هي سورا؟

نه ڪوئي ٿڪي ٿو، نه روئي ڪٿي ٿي،
نه ڪو پيٽ پرجي، نه جند ٿي ڇٽي ٿي،
اڃا اڻپٽي ئي نه ٿي آهه پوري،
اڃا آهه پرلئه اڌوري اڌوري،
وڃي هڪ پٺيان ٻيءَ جي آهه لياري،
صدين کان اهو سلسلو آهه جاري،
نه ڪنهنجي اڳياڙي، نه ڪنهنجي پڇاڙي،
لڳن ٿا سڀئي اڌورا اڌورا،
ڪندو ڪير پورا، ڪڏهن هي سورا؟

٢٠

اڃا هي اڌورا - اڃا هو اڌورا،
ڪندو ڪير پورا - ڪڏهن هي سمورا؟

نه راتيون ڪٽن ٿيون، نه ڏينهن ٿي ڪُٽن ٿا،
نه گرميون ڪٽن ٿيون، نه مينهن ٿي ڪٽن ٿا،
نه ساگر ڪٽي ٿو، نه ڇوليون ڪٽن ٿيون،
نه ڏياريون ڪٽن ٿيون، نه هوليون ڪٽن ٿيون
صدين کان اهو سلسلو آهه جاري،
نه ڪنهن جي اڱياڙي نه ڪنهن جي پڇاڙي،
لڳن ٿا سڀئي اڌورا اڌورا
ڪندو ڪير پورا، ڪڏهن هي سمورا؟

عالم کان ٻي اڳتي آهي، ٻرهم سندو ڀڙاڻو،
الي رهي ٿـو راڻو!

ذات پات جو ڀيد نہ ڪوئي- ڏيهن رات جو ڀيد نہ ڪوئي،
جتي نہ سج کو سرو ڪڍي ٿو- چنڊ نہ ڪو چالباڻو،
الي رهي ٿـو راڻو!

آدم جو جت نالو ناهي- وقت نہ هڪ هند ٻيٺو آهي،
جتي نہ ڪنهنجي حجت هلي ٿي- ڪري نہ ڪوئي ماڻو،
الي رهي ٿـو راڻو!

نہ ڪو جمي ٿو نہ ڪو مري ٿو- ڪو نہ ڪرم هو ڪين ڪري ٿو،
جنهنجي چايا ٻطجي پئي آ- مايا جو ماالباڻو،
الي رهي ٿـو راڻو!

ڏاين کان هو ڏاڍو آهي- مٿان کو ساٽس سيڌو ساهي،
ڪيئي سڌريا ڪاهي ويا ٻـر ٿي ويا داڻو داڻو،
الي رهي ٿـو راڻو!

٢١

کن پل جي ھرڪا ھستي آ،
ھيءَ بيگانن جي بستي آ.

ٻل مکڙي گلشن مهڪائي،
پوپري جي دلڙي ھرکائي،
بلبل چهڪي ڪويل ڳائي،
پر مڌن جي لءِ مستي آ،
ھيءَ بيگانن جي بستي آ.

کن پل لءِ رات سهاني آ،
کن پل لءِ روپ جواني آ،
کن پل لءِ پيار محبت آ،
کن پل لءِ حسن پرستي آ،
ھيءَ بيگانن جي بستي آ.

ھت ماڻهوءَ جو ڪو ملهه ناهي،
ٿو وقت ڇڏي سڀ کي ڊاهي،
بيدردي ظالم موت اچيان.
مظلوم حياتي سستي آ،
ھيءَ بيگانن جي بستي آ،

٢٤

نہ ڳوٺن ۾ اميري آ- نہ شهرن ۾ اميري آ،
لڳي ٿو روح لئہ هر هنڌ- فاقو ۽ فقيري آ.

اصل چهرن مٿان ٿلهي ٻٽاوت ۽ سجاوت آ،
گلابي شوخ جوڀن ۾- لڪل مجبور پيري آ.

صبر سقمان جو ڏن ڪنهن سانڍيو هڪ سڄڻ سانڍي،
ٻڪايل بادشاهي ۽ ٻڪايل هٿ وزيري آ.

رڳو آ پيٽ پالڻ جي زندگي حيران آ هر ڪو،
چپن تي مرڪ ناهي ۽ نہ ٻوليءَ منجهہ شيري آ.

نہ ڪو گل آ نہ ڪا خوشبوءِ چمن ويران آ سارو،
ملي بلبل کي ڇا لئہ آشياني ۾ اسيري آ؟

هٽيو آ ملڪ ديوانو مليو رهبر نہ روحاني،
نہ ڪو اولياءَ آهي هٿ نہ ڪائي دستگيري آ.

هوريان هوريان منهنجي ڪن ۾ ،
رات پرينءَ جا ڳالهه، چئي-سا ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس.

روح رهاڻيون ڪهڙيون ٿيون، ڪئن،
رات وئي پرڀات وئي،
مان ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس.

اڌ من ارمانن ڪر موڙيا،
پڻ جاڳي جڏ بات پئي ،
مان ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس.

نيڻ مليا نيڻن سان لڙن ،
ڪهڙي ڳجهڙي بات ڪئي ،
مان ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس.

ڳوڙها ڇلڪي زرد ڳلن کي ،
ڪهڙي ويا سوغات ڏئي ؟
مان ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس

مذهب جون ديوارون ٽوڙيو - نفرت جون تلوارون ٽوڙيو،
توپن کي ساگر ۾ ٻوڙيو - راڪشن لئه قبرون جوڙيو،
امن چمن سان خوشحاليءَ سان- سارو جڳ آباد ڪريو،
هيرو شاما ياد ڪريو!

امرت بدران زهر نه پيئو - مهر جي بدلي قهر نه پيئو،
هر دامن ناپاڪ لڳي ٿو - داغ اخلاق لڳي ٿو،
نفرت بدران الفت آڻجي - اهڙي ڪا ايجاد ڪريو،
هيرو شاما ياد ڪريو!

اولهه جا آثار ڏسون پيا - حيوانن جا پار ڏسون پيا،
دلهن جو سيندور کسيو ڇو؟ ڪنهن ماءُ جو لور کسيو ڇو؟
بند غلاميءَ جا اڄ ٽوڙي - قيدين کي آزاد ڪريو،
هيرو شاما ياد ڪريو؟

٢٥

بم سان بستيون ڀيڙ بڻائي - جو دنيا برباد ڪريو،
هيرو شاما ياد ڪريو، ڙي هيرو شاما ياد ڪريو!

هر هنڌ سعيا جنگ ڪرڻ جا - هيساڻڻ ۽ ننگ ڪرڻ جا،
هٿيارن جي هوڙ لڳي آ - راڄ ڪرڻ جي لوڙ لڳي آ،
ڇو انجوشيءَ جا لغما ڳائي - دکي دلين کي شاد ڪريو،
هيرو شاما ياد ڪريو!

۲۷

امن جو نہ ڪوئي خريدار آ،
تباهيءَ جو هر هنڌ واپار آ.

هٿين خنجرن ڪي لڳل خون آهي،
نہ ڪو قائدو ۽ نہ قانون آهي،
صلح جو نہ سامهون ڪو آثار آ،
تباهيءَ جو هر هنڌ واپار آ.

فضائن جي سواسن ۾ بارود آهي،
ڪو ماڻهو، مرون، مرغ، محفوظ ناهي،
هٿن منجهہ هر ڪنهن جي هٿيار آ،
تباهيءَ جو هر هنڌ واپار آ.

زبانن تي ظاهر امن جا ٿي وعدا،
دلين ۾ مگر جنگ جا ٿي ارادا،
صداقت نہ ڪوئي صداچار آ،
تباهيءَ جو هر هنڌ واپار آ.

انسان جي انسان کان دوري وڌي،
اڄ وقت جي ٻي آهه مجبوري وڌي.

رشتو نه قائم آهه، ٻر رغبت ڪٿي؟
ڏيکاءَ جي آ صرف دستوري وڌي.

هي جام اڄ جنسي ماڻهو ٿو لڳي،
۽ نياز اُڇلي ناز مان نوري وڌي.

سيرت مٿان صورت اچي غالب پئي،
اُلٽي ڪٿي ويو مال مشهوري وڌي.

جوڙا هرڻ هرڻين سدا ڪيئي گهمن،
ڇو ڪين ٻر خوشبوءِ ڪستوري وڌي.

لذت ڇڏي انسان ٿي ويو کوکلو،
صدق، هوڏ، همت، ايمان، مغروري وڌي.

هر هند مهنگائيءَ ڪئي حالت بري،
غربت وڌي ٻر ڪين مزدوري وڌي.

پنهنجي لوڪ راڄ جي مهما، ٿن لوڪن کان لڪاري آ،
چورن جي چرڻن جي داسي، ساري ٺاٽيداري آ.

قسم سچو يا ڪوڙو هوندو ڪهڙو مطلب آ اُن سان؟
جنهنجي ڪيسي ۾ آ ناڻو، اُن جو ٻاڙو ٻاري آ.

پلي لڳن الزام هزارين، چنتا ڪهڙي آ اُن جي،
هر ليڊر کي عزت کان وڌ، ڪرسي پنهنجي پياري آ.

ڪوڙ ڪپٽ ۽ ڇل سان هرڪو، ٻڌجي ويندو آ نيتا،
ر شتخوري، ڀرشٽاچاري، تن جي ڪارگذاري آ.

نيتائن جي ڪرتوتن سان، ڪوس ڪرائي مذهب ٿو،
ڪاسائين جان خون خرابي هر هنڌ مارا ماري آ.

نس نس ۾ نفرت ڦهلائن، اڄوائن جو الله ڌسو،
لڄ لفنگا شور مچائن، ملڪ سڄي جي خواري آ.

رام راڄيه جو سپنو ٿيو ساڪار نه ڪوئي گانڌي* جو،
انسان جو قدر نه ڪوئي، شيطان جي ساري آ.

لڳي جي جنگ دنيا ۾ - نہ ڪوئي آشيان رهندو،
نہ ڪا بستي بچي سگهندي - ڪٿي ساروئي جهان رهندو؟

ڏسو پيا آسمان ۾ روز ڪي ڦهري ڪڪر ڪارا،
ڪريا شعلا زمين تي گر - نہ ڇا هي گلستان رهندو؟

هوائن مان فضائن مان اچي بارود جي بدبوءِ،
لڳي جي آگ گلشن ۾ - ڪٿي هي باغبان رهندو؟

ڪري جي ڇنڊڪ ڌرتيءَ تي نہ بستيون خاڪ ٿي وينديون،
حياتيون ختم ٿي وينديون - نہ ڪو نالو نشان رهندو.

سڄي راڪيٽ ڇوڙيندا سُڄو سنسار ٿي ويندو،
رهي حالت اها جاري - نہ ڪهڙو داستان رهندو؟

اگر انسان انسانيت ڇڏي شيطان ٿي پوندو،
نہ ڪو ڪارو بچي سگهندو - نہ گوري جو گمان رهندو.

لڳي اٿين ڀيو وهڻ لڳي آ ڦاٽي اُٿي گنگا،
مندر، مسجد، گردوارن ۾ نيڻ لڳا اڄ ڏنگا،
پاڻيو ويٺو ڪنڌ ۾ روئي ڇور ڪٽي ويو ٻاڙي،
ڪاڻ ٿئي آ جهڙن ۾ سا ڪنهن نياءَ ڪندي تارازي؟
ڏر ڏر ڀيو ايمان وڪامي، خوش آ ٻي ايمان،
ٽٽيو آ وقت وڏو ٻلوان.

ٻگلو ٽڪيو ويٺو راڄا، ڪڪر ٽڪي آ راڻي،
ڪوئل ٻيٺي ڪري چاڪري، هنس ڀري ٿيو پاڻي،
ڪانگ سڏائي مهامنتري، ٻٽيو ملڪ جو والي،
اُت پکي ٻيو چوي ڏٻل ڪي، هل ڙي هل ٻيتالي؟
اُلو ٻنڪو ٻڌي ٽٽيو آ، مڙس ملوڪ مهان،
ٻٽيو آ وقت وڏو ٻلوان.

٣٠

وقت وڏو ٻلوان، ٻيو آ وقت وڏو ٻلوان،
هر ڪا شيءِ همت آهہ مهانگي، سچو آ ايمان.

ڪو ڏلوان چريو ٻي هوندو ٿڏهن ٻہ چوندس سياڻو
ناڻي لئي تو گهومت اگهامي ڪارو ڪوجهو ڪاڻو
هر ڪنواري لئہ لوڀي توکي ٻوليون خوب ٻڌائن
لالچ جي وس ائين ڪنوار کي همت سان ٻاهہ لڳائن
جيڏي ڪو سنمان لئہ تيندہ مُٺي ٻچاڻان مانُ
ٻيو آ وقت وڏو ٻلوان.

٣٢

ديش سڄو ٿي ويندو ديوارون -
تہ هندوستان ڪٿي رهندو؟
ذرڙيءَ کي چيري ڪندا ڦارون -
تہ ملڪ مهان ڪٿي رهندو؟

فرقيوار فساد ڪرڻ، مارڻ -
اهو ڪم ڪاسائن جو آ،
نفرت عام ٿي جانديون بازارون -
تہ پوءِ شمشان ڪٿي رهندو؟

ڦٽ ڦهلائن، دهشت لائن - رڳو رڳو ۾ ٽا زهر ملائن
هاءِ ڙي ڪلجڳ جا هي ڀاڳ !

دين ڌرم جون ڌجون اڏائن- مُلا پنڊت موج ملهائن
منڊالي ۾ پيڙ لڳي آ- مندر ٿيا پڙ ڀاڱ. هاءِ ڙي...

پيسي لي سڀ ناتا ٿين ٿا - پوڄارون ۽ پاتڻ ٿين ٿا
مندر هون جاپ پيسي لي- پيسي لي آ ڀاڱ. هاءِ ڙي...

سيتا پيئي ڪاٻن ۾ گهاٽي - رام ماءُ کي پيو ڌڪائي
راوڻ، مريادا پرشوتم- رچي رام جا سانگ هاءِ ڙي...

پتورتا جڙ آهه. اڀاڳڻ - ليڪن وشيا سدا سهاڳڻ
موقعو مهل ڏسي ودوا ٿي- ڀري سيندر سان مانگ. هاءِ ڙي...

وڻجهارن جا رڙها ڪالي - هر هڏ هيرا موتي جهاي
هنس هليا چپ چاپ اڏامي- شور مچائن ڪانگ. هاءِ ڙي...

٣٣

ڪانڀڙ، جا ڪرتوت چوان- يا چوان رنگين جا رنگ،
ڪارنگ چُڱن پيا ماٽڪ مولي- هنس چرن جهرجهنگ،
ڏسو دنيا جا اد ٻت رنگ!

اهڙو آيو وقت اٽالڪو - اهڙي ٻڌي آ گهاٽي،
ليل نہ ٻري رهيو آهي اڄ - ٻري رهيو آ پاٽي،
خون خون جو وهري ٽيو آ - رهيو نہ رشتو ناتو،
هڪ همت ٻڌي همت کي ڪانيندو- ڪڏهن نہ ڪنهن ٽي چاتو!
ادب حيا جا لڪ لتاڙي - جوان ٻٽيا اڙٻنگ،
ڏسو دنيا جا اد ٻت رنگ!

ٻچڙا ٿي ٻچڙن کي مارڻ لاءِ -
الا ڇو وحشي ٿيا ماڻهن
ٻاٻين جون پٽجي ۽ سگهڙيون ٻانهون -
ڌرم ايمان ڪٿي رهندو؟

اي انسانو ڄاڻو ڪجهه سوچيو -
ڏسو ڪيئن ڪولڙ پيا ڪسجن
رستن تي جي هلنديون تلوارون -
ته هي انسان ڪٿي رهندو؟

طرحين طرحين جا گلڙا هوندي ٻي ،
چمن سارو ته هڪ ٿي آ
مالهيءَ کي جي ڏکي ڪندا ڏارون-
ته گلستان ڪٿي رهندو؟

الڳ الڳ راهن جي هوندي ٻي -
سڀني جي ساڳي منزل آ
ڇوڙ بوليون مذهب جون مارون -
ته ويد قران ڪٿي رهندو؟

٣٤

منهنجي ڪانهي ذات نہ پات،
آءٌ نـــہ ٻارو آدم آهيان.

مالڪ مولي آهہ اُپايو - مون لئہ هي سنسار سجايو،
اٿم اها نـي واٽ - آءٌ نـــہ ٻارو آدم آهيان.

منهنجو ڪوئي ٿاني ناهي - مون جهڙو لاٿاني ناهي،
آهہ اها منهنجي اوقات - آءٌ نہ ٻارو آدم آهيان.

دين ڌرم جو عادي ناهيان - وادي يا فريادي ناهيان،
مولي فڪر نہ ڪا فڪرات - آءٌ نہ ٻارو آدم آهيان.

اوچ نيچ مان ڪين ڪي ڄاڻان - هڪ ئي ذات صفات سڃاڻان،
ڏاتر ڏني اهائي ڏات - آءٌ نہ ٻارو آدم آهيان.

منهنجي هيءَ سُندر صورت - جنهن جوڙي، وهيندڙ مورت،
منهنجي آ نن من ۾ ٽاٽ - آءٌ نہ ٻارو آدم آهيان.

نياڻ مٿان اياڻيءَ پنهنجو - آهه جهليو ڏاڪو،
ڏينهن ڏٺي قتلام ٿين ٿا - ڏينهن ڏٺي ٻٽي ڌاڪو،
سرِ عام رشوتخوري ۽ - سرِ عام ٿئي زوري،
نگهبان رکوالو پهريدار ڪري ٿو چوري،
ساڃ سڌائن مڪر لڳائن - ڏينهن جهڙا ڏنگ،
ڏسو دنيا جا اڄ ٻٽ رنگ!

مڌر ٻٽيا ٻرپانگ مٿي آ - مٿڪاني ۽ مستي،
هي ڇا ٿي ويو، ملڪ ٻٽي ويو - ٻيگانن جي بستي؟
هڪڙي غربت ٻي مهانگائيءَ - ڪئي آ حالت خستي،
شيواداري ڪين ملي ڪو - ليتاگيري سستي؟
غربت جي هڏن لي سيٺيون - سيڪين وانا سنگ،
ڏسو دنيا جا اڄ ٻٽ رنگ!

جتي نه ڪڏهين ڏينهن ٿين ٿا، ڪين ٿين ٿيون راتيون،
جتي نه سرديون، جتي نه گرميون، ڪين وسن برساتيون،
چنڊ نه اُڀري سج، نه ڪائي ڌرتي پاڻي ڦيرا،
اُلي ڪويءَ جا ٻيرا!

آسمان کان اڳتي چاهي، هي سڀ راز سڄاڻن،
تارن جي ڳجهه جي ڳالهين جو، هي آواز سڄاڻن،
ناهي جت آتال نه ڪو پاتال نه، ڪنهن جا ڏيرا،
اُلي ڪويءَ جا ٻيرا!

سرجڻهار ۽ شاعر جي آ ذات ٻنهي جي ساڳي،
بات ٻنهي جي ساڳي ۽ اوقات ٻنهي جي ساڳي،
جن جي اکڙين منجهه محبت، ڪيا وجهي آکيرا،
اُلي ڪويءَ جا ٻيرا!

شاعر جي آ رچنا ساري، ناٽڪ ٻي آ شاعر،
ڪلاڪار ٻي شاعر ئي آ، هر فن ۾ هي ماهر،
مالڪ ٻي جنهنکي جوڙڻ لئه، سوچي سؤ سؤ ٻيرا،
اُلي ڪويءَ جا ٻيرا!

٣٥

جتي سج جو سرو بہ ناهي . اُتي ڪويءَ جا پيرا
اندر منجهه بسيرا !

امرت اوڻي اولي شاعر، موتي ٿا برسائن ،
هيرن سان رانديون ڪيڏن ، ماڻڪ ٿا موٽائن ،
موج مچائن هر محفل ۾ گولين گيت گهڻيرا ،
اُتي ڪويءَ جا پيرا !

٣٧

اک ڦڙڪي ٿي - دل ڌڙڪي ٿي

آ ملڻو مونکي اهڃاڻ سگهي - منهنجو ساڄن ايندو هاڻ سگهي.

ڪاهه ڪانگل آيو اڱڻ ڪهي - خيرن سان آيو خبر لهي،
سڀ حال ڪيائين راست رهي - همت مون پوريءَ جي پاڻ سگهي،
منهنجو ساڄن ايندو هاڻ سگهي.

مرڪي سهڻو ساڄن ايندو - ڪيئي راحون مون ٻيڙو ٿيندو،
ڏکن ڏاڏيءَ دل کي ڏيئي ڏيندو - اڄ قرب ڪُنيءَ جي ڪاڻ سگهي،
منهنجو ساڄن ايندو هاڻ سگهي.

گلڙن جي سيج سجائيندي س - مان تيل ڦليل لڳائيندي س،
ءِ اڱڻ سڀ مهڪائيندي س - رانجهن سان ڪندي س رهاڻ سگهي،
منهنجو ساڄن ايندو هاڻ سگهي.

مون سڀني ۾ سينگار ڪيو - هو دلبر جو ديدار ڪيو،
پنهنجي پريتم سان پيار ڪيو - سڀ ساپيا ٿيندو هاڻ سگهي،
منهنجو ساڄن ايندو هاڻ سگهي.

مان سوداگر سچ جو آهيان،
مون وٽ آهن ماڻڪ موتي!

منهنجي سچ جو مان ئي ساکي،
منهنجي ٻولي مٺڙي ماکي،
مان ڪاريگر رُچ جو آهيان،
مون وٽ آهن ماڻڪ موتي!

مون وٽ وکر الاهي آهي،
هڪڙو اکر الاهي آهي،
سڀن مٺين جي ٻُچ جو آهيان،
مون وٽ آهن ماڻڪ موتي!

مون وٽ لور لڪوري آهي،
ڪا به نه هيري ڦيري آهي،
ڪين ڪوڙ ۽ ڪچ جو آهيان،
مون وٽ آهن ماڻڪ موتي!

٣٩

مهر ميا جا وسندا مينهن - ليٽ ڏکن جا کٽيا ڏينهن،
هاڻ نه رهندو هتي ڏڪار،
خوش ٿي ڳايو ميگهه ملهار.

آسمان ۾ ڪارا بادل ٻرجي ٻرجي -
آخر! مينهن وسائيندا سڀ گرجي گرجي،
ٿيندا ٻوٽن جا وسڪارا -
وهنديون نهرون وهندا نارا،
چوڌر ٿيندو هاڻ سڪار،
خوش ٿي ڳايو ميگهه ملهار.

روئي زارون زار، ٻانهن کي ٻرچائيندس،
هيلا ڪندس هزار، ٻانهن کي ٻرچائيندس.

مرڪي چوندس مصب مٺي کي، ڪي نه گهوڙن گڏ گهار،
ٻانهن کي ٻرچائيندس.

ويهي وڃي گلي ۾ وجهندس، ٻانهن جو مان هار،
ٻانهن کي ٻرچائيندس.

اڄ آئين آئين اکڙين مان، اوڻي اينهن اپار،
ٻانهن کي ٻرچائيندس.

همت جوڙيندس پيرن ٻولندس، ڪنهن نه ڪري هڪ وار،
ٻانهن کي ٻرچائيندس.

روح رهائين سان رڃهائي، رهيي ڏينهن ا— چار،
ٻانهن کي ٻرچائيندس

ڏينهن سنهري، روشن راتيون،
بادل بجليون ۽ برساتيون،
ڪنهن جوڙيو آ هي جهان - عالم سارو عاليشان!

ڍرون نالا جهرڻا واديون - جهنگل ڪيت چمن آباديون،
پيلا نيلا سنگ سلونا - سهڻا سهڻا سونا سونا،
ڌرتي آ جڻ سون سمان - عالم سارو عاليشان!

سهڻا گل ڦل ۽ ڦلواري - مهڪ مٺي ۽ خوشبو پياري،
ڪليءَ ڪليءَ تي ڦيرا پائن، پوپٽ پورا گيت سڻائن،
گلشن گلشن گونجي گانُ - عالم سارو عاليشان!

لال گلابي چنچل چهرا - اکڙين تي پلڪن جا پهرا،
سهڻي سهڻي سندر صورت - من موهيندڙ مٺڙي مورت،
هر ڪا مورت آهي مهان - عالم سارو عاليشان.

ميٺهوڳيءَ ۾ مور اچن ٿا - ڊوڙي ڊيلن ساڻ نچن ٿا،
لام لام تي بلبل ڳائي - سُر سينگاري گيت سڻائي،
جيون آ گويا وردان - عالم سارو عاليشان.

ملي ٻاڙ ۾ هر ڪاهيندا هاري ناري-
مُسڪائيندي دلهن جان اچ پون ۾ ٻلاري
خوش ٿيندي کيتن جي راڻي-
ايندو پلٽ ڪري جڏهن ٻاڻي
گهر گهر ايندو ان اپار،
خوش ٿي ڳايو ميگهه ملهار.

ساوا ساوا گاهه گسن تي چرنديون ڳائيون-
هر هنڌ ٿيندا ڏڌ مکڻ ۽ کير ملائيون
گهر گهر ۾ ورنديون واڌايون -
خوش ٿينديون ٿر ٻر جون جائيون
هر سپنو ٿيندو ساڪار،
خوش ٿي ڳايو ميگهه ملهار.

۴۲

ٽڙي ٻوٽن تا ليٽ، ڏسان ٿو واديون هي ڪشمير جون،
گهاٽيون هي ڪشمير جون.

ڀرون ٿيون هت امرت اوتن، جهرنا ٿا هت ڳائن،
ڪيت ڪيت ۾ ساوا ساوا، سونا سنگ لهرائن،
قدرت جي هي نعمت آهن، نرمل نور نظارا،
گلن ڦلن سان گهيريل آهن، ٻوٽ ٻليون گهر سارا،
ڌرتي آ جنت سرڳ مثل، آباديون هي ڪشمير جون،
گهاٽيون هي ڪشمير جون.

آسمان ڏي اُڏر چنڊڙا،
چمڪ چنڊڙا چوڌر!

ٻچڙو ننڍڙو لاهي ڏيرو- ٿي اون باغن ٻيڙو،
اُڏري ڪڪر ننڍڙن جو ٻيڙو- ڪر ميٺن سان ميڙو،
آئي سويري، وڃ آکيري،
رکي پکن سي زور، چنڊڙا!

طوطل ننڍڙي لاءِ ننڊاري، گهوٽ ٻڌان ڪنهن گهاري،
ڏيهن ڏکن ۾ ڏاري ويٺي، راليان هنجون هاري،
مت واجهائن، ليٽا پائن،
جيجل کي لڳ ڏ جهور، چنڊڙا!

اُڏري آءُ ڪنهن کي ڪولي، منڙيون ٻوليون ٻولي،
رام نام جو امرت گهولي، ٻرمن کي ڇڏ ٻولي،
ڳائي ڳائي، ڪيس سڻائي،
ڏک سکن تان گهور، چنڊڙا!

ميون جي آ موسم آئي، باغن ۾ سرهائي،
چوڌاري آ ساوڪ ساني، مورن موج مچائي،
آئي آيا، الب سوايا،
زيتون جو زور، چنڊڙا!

٤٣

نچ ڙي ناچُو مور مرڪٽا، مٺڙي ٻولي ٻول،
ڪول ڪدمب ٽون ڪول .

گھٽا گگن ۾ آئي آهي . ڪيڏي مستي ڇانئي آهي،
رم جهم رم جهم بادل برسن، ڇوڙ ر راڳ رسول .
ڪول ڪدمب ٽون ڪول .

تنهنجي چال انوکي نياري . لُڏي ڪُڏي لچڪي واري،
پير ڏسي پنهنجا لــ وهائج، آسون هي انمول .
ڪول ڪدمب ٽون ڪول .

پنک پسارين مينا ڪاري - ڄڻ ڪا ساڙهي سرمي واري،
سر تي شاهن مثل ڪلنگي - تنهنجي سونهن انڏول،
ڪول ڪدمب ٽون ڪول .

رت البيلي پياري پياري - ڇانئي باغن منجهه بهاري،
مرڪ گلن ۾ ۽ شبنم ۾ - سيتل موڪي ڇـول،
ڪول ڪدمب ٽون ڪول .

سهڻا سادا ماڻهو هتڙي ، ناريون پوليون پاليون
پياري پياري ٻولي جن جي، مٽڙيون مٽڙيون ڳالهيون
قادر بخشي سهڻي سيرت، ۽ نوراني چهرو
چالاڪي ليڪن مٺبهه هڻن جي، ساگر گهرو گهرو
ليڪن ايسرانون ٽيون جڙ، شهزاديون هي ڪشمير جون
گهاٽيون هي ڪشمير جون ۔

ورثي ۾ آملي هڻن کي مُرڪ مٺي موچاري،
انگ انگ چالدي ۽ جان چمڪي، لڳي دلهن هرناري،
سونهن سڄڻ جي سايا آهن، اکڙيون پياريون پياريون،
مرڪن سان مولي چلڪائن، من موهيندڙ ناريون،
مچلي ٿو من جڏهن ڏسان ٿو، شاديون هي ڪشمير جون،
گهاٽيون هي ڪشمير جون ۔

هن مونکي پنهنجو پيار ڏنو،
سارو سک ۽ سنسار ڏنو،
مون پاپ گناهن جي بدران،
ڪڏهين پنج ڪڏهن ثواب لڌو.

دلبر جي دل ۾ نينهن هئو،
من منجهه محبت ميٺهن هئو،
مکڙي لي چاهت مرڪ ڀريو،
مون چوڏهينءَ جو مهتاب لڌو.

هن مٺڙا گيت سڻايا ٿي،
ڪي سهڻا ساز وڄايا ٿي،
هن مونکي ساز آواز ڏنو،
مون راڳن ڀريو رباب لڌو.

۴۴

مون رات پرينءَ جو خواب لڌو،
پياري پريتم جي نيڻن مان،
ڪُل قدرت جو اسباب لڌو.

سندر نوراني چهرو هو،
نيڻن ۾ ساگر گهرو هو،
مون هن جي مست نگاهن مان،
شاهاڻو شوق شراب لڌو.

هڪ وڻجارو ڳائي رهيو آ، ساڻ کڻي يڪتارو،
هڪ وڻجارو!

ٺڙي مٺڙي جهڻجهي واڻي - جڻ گنگا جو نرمل پاڻي،
جهڻجهون ڳالهيون ٻوليون ٻاليون - ڳائڻ پيارو پيارو،
هڪ وڻجارو!

سهڻي صورت ٻولي ٻالي - هڪ اک ڇمڪي هڪ اک آلي،
ڪومل ڪومل جهڻجهي ڪايا - ۽ اندر اجيارو،
هڪ وڻجارو!

پلڪن ۾ نو لڙڪ لڪائي - پر ماڻهن کي مرڪ پسائي،
هن جي من ۾ آهه محبت، صادق آ سڪ وارو،
هڪ وڻجارو!

ڳوٺ ڳوٺ ۽ نگر نگر ۾ - گهٽيءَ گهٽيءَ ۽ گهر گهر ۾،
رڻن کي رجهائي ويٺو، هڻي ايڪهن جو نعرو،
هڪ وڻجارو!

۴۵

جڳ جي سرجڻهار جو،
عدل ڏسو هن يار جو!

ٻُڪ ٻڪ کي موتين سان ٻوري- اڳر اڳر ٽان ماڻڪ گهوري،
سچڻ سخي سردار جو،
عدل ڏسو هن يار جو!

ڏرليءَ سان ابر ٻوڙيائين - مڇلن سان ڪنڌڀر ٻوڙيائين،
ڪاريگر ڪرتار جو،
عدل ڏسو هن يار جو!

پيدائش سان پرلءَ جوڙي - مرڪن کي لڙڪن ۾ ٻوڙي،
ساڪي هن سنسار جو،
عدل ڏسو هن يار جو!

هڪ ٻلڙي ۾ ٻاڻ وڌائين - ٻئي ۾ روح رهاڻ وڌائين،
فرق نہ ٿيو هڪ وار جو،
عدل ڏسو هن يار جو!

موٽڪي مارن ٿيون مٺارون،
سانگيڙن جون جهانگيڙن جون،
سيڌي مڌ ڀڃ سڌارون.

ڙي ناهه طبيب او ميان، هنڌڙي دل جو دارون،
موٽڪي مارن ٿيون مٺارون.

ل ڪڇي جي ڪاند ڪان ٿيان، چم چيري ڪڇ ڦارون،
موٽڪي مارن ٿيون مٺارون.

اندر ۾ اوڙو ميان، ٻاهر ٻـنڌ ٻاڪارون،
موٽڪي مارن ٿيون مٺارون.

ڪ ۾ ساهه سڪي وڃي شل، ڏيل ڏري اٿي ڏارون،
موٽڪي مارن ٿيون مٺارون.

ف ڏ جڏهين جو سيل او ميان، پالئج سي سب ڏارون.
موٽڪي مارن ٿيون مٺارون.

ادا يون منهنجي اڱڻ لنوي ٿو ڪانءُ،
سرتيون منهنجي اڱڻ لنوي ٿو ڪانءُ.

پنڌ پڄاڻي اچي ڪيائين، مون گهر ٿي ڀِر ٿانءُ
ادا يون منهنجي اڱڻ لنوي ٿو ڪانءُ.

مون پوريءَ جو پرين پسڻ سان، ٿري ٿو پوندو هانءُ
ادا يون منهنجي اڱڻ لنوي ٿو ڪانءُ.

آهه ازل کان اُڪريل من تي، ساجن جو ٿي ناءُ
ادا يون منهنجي اڱڻ لنوي ٿو ڪانءُ.

محب ڏسي اکڙين کي ايندو، نينهن اوڻ جو ڏانءُ
ادا يون منهنجي اڱڻ لنوي ٿو ڪانءُ.

۵۰

پيار منهنجو ور نه وڃايو ننڍ نياڻيءَ،
رُٺن پٺن ۾ آهه رلايو ننڍ نياڻيءَ!

ڪيڏين سان مون ڳڙو نه ٻوليو،
دل جو درد نه ڪنهن سان کوليو،
ڏيرن سان ٻر وير وڌايو، ننڍ نياڻيءَ!

ڏاڳهن کي ڪو ڏوهه نه ڏينديس،
ڀيڻن کي ٻي ڪين ٻڌائينديس،
منهنجي دل تي داغ لڳايو، ننڍ نياڻيءَ!

نيڻن ۾ ڪو نينهن ٻريل هو،
عشق سندو ڪو مينهن پلل هو،
منهنجي اکڙين کي پرمايو، ننڍ نياڻيءَ!

هوس ٻنهونءَ جي قرب ڪُٺيءَ کي،
مون ٻوريءَ هن محب مُٺيءَ کي،
هن ٻهاڙن ۾ ڀڄايو، ننڍ نياڻيءَ!

ساري رات سپڻ مان ڏٺهڏا خواب لهان،
ڏٺيٺين ۾ ڳهان، ڪڇ ڪئن ڪهان!

هيڪل مان ڪنهن سان چپ چوريان،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان
لت ساهيڙين جي سهڻن جا سور سهان،
ڏٺيٺين ۾ ڳهان، ڪڇ ڪئن ڪهان!

روز ڏسن ٿيون ٻاڙي واريون،
اڇي مڙن ٿيون سرٽيون ساريون
ور وارن جي وچ مان هت ڪئن ٿهان،
ڏٺيٺين ۾ ڳهان، ڪڇ ڪئن ڪهان!

لون نه هنيو وٽين ليهن اڙاني،
جان جگر ۾ جيءَ جلائي
ٻر لو ان هت آءٌ اڪيلي ڪيئن رهان،
ڏٺيٺين ۾ ڳهان، ڪڇ ڪئن ڪهان!

راس ڏيهن ني لوڪي ساريان،
لو ٻن سهٽا ڪنهن سان ڏهاريان
لبد جاڳي ۾ ڏٺهڏا ني ني خراب لهان،
ڏٺيٺين ۾ ڳهان، ڪڇ ڪئن ڪهان!

٥٢

هڪ هڪ ڏاڍي زوراور آ،
جوڳين جي ذات الا،
سامين جي ذات الا!

هاڻ ۽ پيئي ڇت ۾ ڇٽڪي،
لاهوتين جي لات الا،
ڪن ۾ ڄن جي ڳات الا!

اوسيئڙن ۽ اوجاڳن ۾،
گهاريان ساري رات الا،
ٻورن ۾ ٻرپات الا!

دل ۾ روز دکن ٿا دونهان،
نيڻن ۾ برسات الا،
سور مليا سوغات الا!

٥١

تو سان لڳي، لاڳاپا لاهي،
هو ته هليا ويا ڪرها ڪاهي!

سسئي تنهنجو هوت پنهونءَ سان،
نينهن سچو آهي يا ناهي،
هو ته هليا ويا ڪرها ڪاهي!

تنهنجي قسمت ۾ ڪانياري،
ڪهڙي ڪل ته لکيو ڇا آهي؟
هو ته هليا ويا ڪرها ڪاهي!

سسئي! پنهل پيٽا تنهنجي،
جيئڻ مجهه ته رکيو ٿي چاهي؟
هو ته هليا ويا ڪرها ڪاهي!

ڪير ته سڻندو تنهنجون دانهون،
هاڻ روئڻ مان ورڻو ناهي،
هو ته هليا ويا ڪرها ڪاهي!

جيڏي! هاڻ جيئڻ ۾ چاهي؟
يا بي موت مرڻ ۾ چاهي؟
لڙقي لڙقي هاء حيات،
مون نه لکي ڪڏهين پرڀات!

ساعت ساعت مرڻ ڏٺو مون،
پل پل آهون ڀرڻ ڏٺو مون،
موت نه ڏيندو اهڙي مات،
مون نه لکي ڪڏهين پرڀات!

ڪنهن نه قرب سان ڪين پڪاريو،
هر ڪنهن مونکي آهه ڌڪاريو،
سور مليا مونکي سوغات،
مون نه لکي ڪڏهن پرڀات!

٥٣

چوڏر چمڪي چنڊ چاندني،
پر منهنجي لئه ڪاري رات،
مون نه لکي ڪڏهين پرڀات!

قسمت منهنجي آ ڪالياري،
درد فراق مصيبت ماري،
ڏاڍ ڏني نه موکي ڏاس،
مون نه لکي ڪڏهين پرڀات!

آءٌ نيٺ ڪٽي تہ نهار ٻرڻ ،
تون منهنجي سولهن سينگار ٻرين !

ڪو پيار ڇُڪو ٿيان آءٌ چري ،
سڪ تنهنجي منجهہ وڃان تہ مري ،
ڏس آءٌ اچي هڪ وار ٻرين !
تون منهنجو اندر أجار ٻرين !

ٻيڙو ڪيئن مان ور وساريان ،
آيل ڪيئن مان ور وساريان ·

اِن ٻر جهڙن جي ڏالڙي - ٻاٻان لڏهن لڳ جهالڙي ،
ٻيڙو ڪيئن مان ور وساريان ·

قول ڪري جي مان نيان - ڪڏن وهانءِ ڪالڙي ،
ٻيڙو ڪيئن مان ور وساريان ·

ايڏن مان ٻولدون وسن - سک جي هيءَ سوغالڙي ،
ٻيڙو ڪيئن مان ور وساريان ·

مهڪ محبت جي هٽي - هليو ويو ٻرياڙي ،
ٻيڙو ڪيئن مان ور وساريان ·

آءٌ ڪميڻي ڪيچ جي - ٻانڙي مهڏهي ڏاڙي ،
ٻيڙو ڪيئن مان ور وساريان ·

آهيان اٿهيءَ جي آسري - ڏاڙ ڏيڏم ڏالڙي ،
ٻيڙو ڪيئن مان ور وساريان ·

اکڙين جي اوطاق مان - ٻاني ٻريت ٻسه جهاڙي ،
ٻيڙو ڪيئن مان ور وساريان ·

٥٦

دائڙي لائي، مون ٻڌائي،

ڏينهن سڄو ۽ رات رُلو. پرهه ڦٽي پرڀات رُلو.

سک جي ساعت مون نه لڌي آ. ڪٿي محبت جي نه ڇڪي آ،
جهاڳيون پاڻي، ۽ واجهائي - لڪ مان ڏهڪندڙي لاٽ رلو،
پرهه ڦٽيءَ پرڀات رلو.

روئي روئي رات گذاريان. ڏينهن سڄو سڏڪن ۾ گهاريان،
اکڙيون لائي، نيڻهن اڙائي - وائي ڏهڪندڙي واٽ رلو،
پرهه ڦٽيءَ پرڀات رلو.

جان جلائي ڪين وڃين ها. تون هي پيرو ڪين پڇين ها،
جيءَ جرڪائي، ۽ ٽڙڪائي - سورن جي سوغات رلو،
پرهه ڦٽيءَ پرڀات رلو،

ورهه وڇوڙي ۾ اوراڻا! هاڻ ڪٽيس مان ڪنهن سان ماڻا،
پور پچائي، ليڪا پائي - پرهه سندي برسات رلو،
پرهه ڦٽيءَ پرڀات رلو.

ٻالڪن جي سهج سڃاڻيندس ،
مان لوسان ليهن اپنائيندس ،
اڄ ڪي نه گهڙيون گڏ گهار ٻالڻ !
هن جڏڙي جيءَ کي جيار ٻالڻ !

ڏس روز روئن ٿيون مهجون اکيون ،
پل پل ڏوراپا ڏين سکيون ،
همت هر هر اها ٻڌار ٻالڻ !
ٿي ڪين ڏُري ڪان ڌار ٻالڻ !

ڪر مهر اچي ڏي قرب ڪٺي ،
ماندي دل کي ڏي مهب مٺي ،
آ مون مهنجا مٺار ٻالڻ !
دل جا دلبر دلدار ٻالڻ !

آءٌ ايڏو ٻيگر آهيان، ڏوهه گناهن جو ڍير آهيان،
منهنجا اوگڻ معاف ڪريو،
بديون برايون صاف ڪريو!

ڪين ڪٿيو مون ڪين ڪمايو - هت منهنجو ٿيو اڇڻ اجايو،
ماٽڪ موٽين ڪان منهن موڙي - ڪوڏين سان مون من ٻهلايو،
منهنجي ميڙيل ڪوڙي ڪچ ڪي - سو ڏي سو ڏي صاف ڪريو،
منهنجا اوگڻ معاف ڪريو!

قسمت ٻني ڪاڻ هٿي ڪا - مون ٻوري جي ڀاڻ هٿي ڪا،
هت ليکو ڏيڻو ٿي پوندو - اها نه مون ڪي ڄاڻ هٿي ڪا،
مون ٻالڪ تي فضل ڪريو بس - عدل نه ڪو انصاف ڪريو،
منهنجا اوگڻ معاف ڪريو!

هت ڪنهنجو نه وجود نه آهي - ڪو ٻي ٻي هت رهڻو ناهي،
چئن ڏينهن جو کيل تماشو - ڪو ٿو ناهي، ڪو ٿو ڄاهي،
منهنجو هڪڙو عرض اگهايو - سو ٿيءَ منجهان صراف ڪريو،
منهنجا اوگڻ معاف ڪريو!

مُنهنجي مِٺڙين لِي سڀ مٺائي ،
ناحق پنهنجي دل هرکائي ،
هاڻ رُئين ٿي زارون زار ،
ڇو نہ هيو تو هانيءَ هار ؟

ليلا تنهنجي ڪنهن مت ماري ؟
تو ڪچ لئي پنهنجي دل هاري!
پيار ٻہ تو سمجهيو واپار ،
ڇو نہ هيو تو هانيءَ هار ؟

ڪڏي ڏنو تو چو پنهنجو وَرُ ،
هاڻ نہ ملندءِ هوس چيسر ،
ور سان تنهنجو ڪوڙو پيار ،
ڇو نہ هيو تو هانيءَ هار ؟

جنم جنم جو جنهن سان ناتو ،
تنهن کي لئي تو ڪين سڃاتو ؟
ڪوڙوءَ ڪنهن پکيڙيو جار ،
ڇو نہ هيو تو هانيءَ هار ؟

٦٠

ٽاٽا ماٽا چنڊ تون راٽا،
موتسان ڪر ٻرچاءُ، ميندرا،
آءُ ميندرا، موني آءُ.

تنهنجي اوسيڙي ۾ راٽا. روز ٿمن ٿـا ليڪ نماٽا،
هن دکياريءَ دل کي ايندو. سومل مان ڪٿن ساءُ ميندرا،
آءُ ميندرا، موني آءُ.

راتيون گذرنديون ڏينهن هليا ويا. ۽ ساوڻ جا مينهن هليا ويا،
چانڊڪي جي ٻيرن جو آيو. ڪين اجا ٻڙلاءُ، ميندرا،
آءُ ميندرا، موني آءُ.

چنڊ تون روسامو ۽ جهيڙو. آءُ اڃي ٿيءُ مومل ٻيڙو،
ٿس ڪٿن ڪاڪ ڪندي ءَ ني مومل. ٻيٺي ڪري ٻچتاءُ، ميندرا،
آءُ ميندرا، موني آءُ.

اڄ چانڊڪي جي واڄـ، جهليان مان. توسان سارا اسور سليان مان،
ورهه وڇوڙي جو تون راٽا، آءُ اڃي ٻر گهاءُ، ميندرا،
آءُ ميندرا، موني آءُ.

٥٩

ڪو ديوانو ڳائي ويٺو،
ڪڏهن ڪڏهن ٿو لڙڪ وهائي،
ڪڏهن ڪڏهن مسڪائي ويٺو.

هُو سڪ جو سوداگر آهي، يا ڪو راهي،
نم جي وڻ هيٺان هو ڪٽي رهيو آ ساهي،
دور ڪناري، ٿڌي ڇانو ۾، مٺڙي بين وڄائي ويٺو،
ڪو ديوانو ڳائي ويٺو.

جن جي گيتن ۾ ڪو گهرو، راز ڀريل آ،
سُر سُر ۾ ڪو راز سندو آواز ڀريل آ،
پنهنجي مٺڙ گيتن سان، پنهنجو من ٻهلائي ويٺو،
ڪو ديوانو ڳائي ويٺو.

پارِ درياهه جي جڏهن ڪٽي ٿو لهڻ لهاري،
اوسيئڙي ۾ لڏهن ٿو هنجون هاري،
شايد ڪنهن سان دلڙي لائي، ليڪين لينهن اڙائي ويٺو،
ڪو ديوانو ڳائي ويٺو.

پل پل جو پرلاءُ نہ مونکي -
ڪاٿي سرت سماءُ نہ مونکي ،
اندر من ئي سؤ سؤ ڇوٽون -
ٻاهر ڪوئي گهاءُ نہ مونکي ،
سور سيئي سيني ۾ سانڍي -
جڳ جو من ٻهلايان ٿو ،
جڳ سمجهي مان ڳايان ٿو .

مون لئہ اهڙو ڏينهن نہ آيو -
مهر پرڀو ڪو مينهن نہ آيو ،
مطلب لئہ سڀ گلي لڳائن -
ڪو نہ نڀائڻ نينهن نہ آيو ،
آءٌ محبت جا گيت ڳائي -
سڀ سان نينهن نڀايان ٿو ،
جڳ سمجهي مان ڳايان ٿو .

من منهنجي ۾ اُڃ ئي اُڃ آ -
ٻاهر مون لئہ رڄ ئي رڄ آ ،
ساٿين ليکي جا هرياليءَ -
مون لئہ ڪوري سڃ ئي سڃ آ ،
مرڪ ٻهاٽا ميلا لڳندا -
ڏڄهہ جي ڳالهہ سٺايان ٿو ،
جڳ سمجهي مان ڳايان ٿو .

٦١

جڳ سمجهي مان ڳايان ٿو - روح ريجهايان ٿو

پر ماڻهن کي مرڪ پسائي - پنهنجا لڙڪ لڪايان ٿو

ڪين مليو ڪو دل جو دارون -
جڳ ڦٽي ٿيو ڦارون
صبح ڪڍهن ٿيو شام ڪڍهن ٿي -
ڪين رهيون سيئي ۾ سارون
پنهنجي لئه ٿو ڳوڙها ڳاڙيان -
ماڻهن لئه مسڪايان ٿو
جڳ سمجهي مان ڳايان ٿو.

ڪاجل جهڙي ڪوٺيءَ ۾ وڃڻو.
آخر ڪارو داغ ٿي ڪڍڻو،
ٻيڙُ نه ٻڏي فقير!
لکم سهڻو نه اٿير!

گنگا جو جل پاڻي ناهي.
ترليءَ لئي هي امرت آهي،
هيءُ نه رواجي نيرُ!
لکم سهڻو نه اٿير!

مانو مان مانو ٿي ٿيندو.
دانو مان دانو ٿي ٿيندو،
جهڙو ظرف ضمير!
لکم سهڻو نه اٿير!

رنگ، سنگ جو سور نه ويندو.
جنهن کي لڳندو رڳي ڇڏيندو،
لوڙي هجي امير!
لکم سهڻو نه اٿير!

آه، ماري اڄ لهي قائم.
جنهن جي دل ۾ آهي دائم،
ازلئون ملڪ ملير!
لکم سهڻو نه اٿير!

٦٢

صحبت جوكو اثر ا وييدو،
آخم سنده و تأثير!

مكزي مهكي گل ني تيدي -
اولي اولي خوشبو نيدي،
نرلي ركيدي نبرا!
آخم سنده و تأثير!

اي گهڻگهرو ڏهڻجا ٻول - اي ڳهڻگهرو ڏهڻجا ٻول،
چڻگ، وڄن مرڏنگ، وڄن ٽيون شهنايون ۽ ڍول،
اي گهڻگهرو ڏهڻجا ٻول!

ڇُمڪ ڇمڪ ڇم ڇم ڪن ڇيريون، تال تال تي پائن ڦيريون،
ٻيهن لو ٻليون ۽ البيليون، ڦرموٽي ۾ جان گهمن گهٽيريون،
چوڏر وڄن ڪرڻگ، مڏر ۽ گولڻ سر انمول،
اي گهڻگهرو ڏهڻجا ٻول!

داڻن ۾ ڪو راز ڀريل آ، راز سڄو آواز ڀريل آ،
ڪرپي ڪلا جي سونهن وڌائن، سر گولڻ مڪمل مهڪائن،
سر سنگت سان ٻيهن ٻيائي، پائن پهڻجا قول
اي گهڻگهرو ڏهڻجا ٻول!

مور ٽڪي پيو پنڪ پساري، ٻول ٻڌي تي ٻڌل ٻهاري،
ڪويل ٻولي مٺڙيون ٻوليون، طوطل طوطي لاءِ ڏهواري،
باغن منجهه پتنگ، رنگيلا، سهڻا رنگ رڱول،
اي گهڻگهرو ڏهڻجا ٻول!

آهه ڦڳڻ اڄ ڦولاريو،
جهومو جهومو جهولاريو.

رُت ۾ رنگت آئي آ، سرسي سونهن سوائي آ
لڳي سهاڳڻ ڪلي ڪلي، چوڌر مستي ڇانئي آ
گهر گهر ڪي اڄ سينگاريو.
جهومو جهومو جهولاريو.

سائي ساوڪ ساڻ ڪٽي، ڌرتي دلهن آهه بڻي
ڪلن ٿلن سڀ نروارين، هر ڪنهن جي من موج مٽي
خوشيءَ منجهان سڀ ڪيڪاريو،
جهومو جهومو جهولاريو.

ڦولي آ هر ڦلواري، مهڪي آ پون پلاري
بل بل بولي باغن ۾، چهچها چهڪن چوڌاري
ٻولون ٻي آ هولاريو،
جهومو جهومو جهولاريو

محنت رنگ لڳايو آ، ان ڏن ٺٽيو سوايو آ
ڪڙمين ڪٿي ڪمائي آ، مالڪ انهن اپايو
آئي هڪڙي ڪنهن ساريو،
جهومو جهومو جهولاريو.

- مالڪ -

ٻول مٺونڙا، ٻول مٺونڙا، مٺڙي ٻولي،
ڏاڙا انب، پيري آيس مان زيتون جي جهولي،
ٻول مٺونڙا ٻولي!

طوطو -

ميوا تنهنجا مور ۽ ٻرڪن، طوطل جي آ ڏات،
ڏينهن ڏکن ۾ ڏاري ڪيڏندي، روڄن ۾ هوءِ رات،
ٻچڙا پياسا - جيجل ماندي،
هُت ۽ هوندي ٻوري ٻانڌي،
هاءِ! ولر ڪان ٿو ڇو وانجهيو، ٻچڙي مان ڪر آجو، رام،
ٻچڙي مان ڪر آجو!

- مالڪ -

ٻول مٺونڙا، ٻول مٺونڙا، مٺڙي ٻولي،
موتين مڙهيل ٻچڙو ڏس ڄڻ، راڻيءَ جي ڪا ڏولي،
ٻول مٺونڙا ٻولي!

هن مورت ۾، هُن صورت ۾، هِڪ هِڪ منظر ڏسان،
سڀ ۾ سرجڻهار ڏسان!

جنهن جوڙي هيءَ سنسار مايا- ڪومل ڪومل ادڀت ڪايا،
هي سهڻا نوراني چهرا- چهرن تي پلڪن جا پهرا،
لب لب جي هن لاليءَ تي تو- ڪائنات جو پيار ڏسان.
سڀ ۾ سرجڻهار ڏسان!

هن موهيندڙ اکڙين پيارين- سهڻين سهڻين ڪاجل وارين،
گول گلابي ڳاڙها ڳاڙها- چونيءَ ۾ گل ڦل ۽ گجرا،
جنهن پريل ليٽن ۾ هردم- سونهن ڏسان سينگار ڏسان.
سڀ ۾ سرجڻهار ڏسان!

هِن جي لوڏ هنسنيءَ جهڙي- هُن جي ڪوڏ مورليءَ جهڙي،
چال ڙ، جنهنجي آ لاکيٽي- مرڪ چپن تي جهيٽي جهيٽي،
ڪارن گهنگهرالن وارن ۾- از غيبي اسرار ڏسان.
سڀ ۾ سرجڻهار ڏسان!

نرمل نرمل نور نظارا- امبر ۾ ٽم ٽم ڪن تارا،
چانديءَ وانگر چمڪن راتيون- ڏينهن سهانا ۽ پرڀاتيون،
سڀ جي سونهري ڀاڪن ۾- دلبر جو ديدار ڏسان.
سڀ ۾ سرجڻهار ڏسان!

خوش ٿي ڳايو، خوب وڄايو،
ڍول مڃيرا چنگ، وڄي مردنگ،
وسي ٿي ساوڻ جي ڦوهار - ڏسو اڄ ڌرتيءَ جا سينگار!

ساوڻ جي آ موسم آئي، هر هنڌ آ اڄ مستي ڇانئي،
خوش آ ٻار ٻڍو نر ناري - گهر گهر مچي وري واڌائي،
سائو ٿيو جهر جهنگ، وڄي مردنگ،
وسي ٿي ساوڻ جي ڦوهار - ڏسو اڄ ڌرتيءَ جا سينگار!

کيت کيت ۾ آهري آيا، سونا سونا سنگ سوايا،
ان ڌن ڏيندي پوڻ پلاري - لابا ٿيندا خوب سجايا،
جهولي ٿو هر سنگ، وڄي مردنگ،
وسي ٿي ساوڻ جي ڦوهار - ڏسو اڄ ڌرتيءَ جا سينگار!

ڪس ڪس ٿي پوندا لاپارا - مرڪي ملندا ڳوٺن وارا،
موجن ۾ سڀ هاري ناري - مستيءَ مچي پيون ٻارا،
محنت جو سڀ رنگ، وڄي مردنگ،
وسي ٿي ساوڻ جي ڦوهار - ڏسو اڄ ڌرتيءَ جا سينگار!

مور پپيها ٻولن ٻوليون، ڏيڏون ڪيڏن آنگ مچوليون،
ڪاريءَ ڪاريءَ ڪي رچهائڻ لئه، گوئجارڻ پوڻن جون ٽوليون،
باغن مچ امنگ، وڄي مردنگ،
وسي ٿي ساوڻ جي ڦوهار - ڏسو اڄ ڌرتيءَ جا سينگار!

طوطو -

ڏولي لڏهڻي مون اِهي ٻڌي، سورن جي سوغات
قيدن ۾ موجن ماڻڻ جي، ڏاڍو ڏئي ۽ ڏات
باغن ۾ ٻئي مهڪون ٻوليون،
ٻهڪن سان گڏ مهڪون ٽوليون،
ڏوليءَ ڏاڍ ڏکن جو ڏاجو، پڃري مان ڪر آجو، رام
پڃري مان ڪر آجو!

مالڪ -

پول مٺو ٽڙا، پول مٺو ٽڙا، مٺڙي پولي
زريءَ جڙي ۽ پُرت پري ڏس، آلدم لو لئه چولي
پول مٺو ٽڙا پولي!

طوطو -

چولي چوڪي آءٌ نه چوڙيان، لڙءِ لُڙه ۾ پي لات
چڏ نه وڃي مٺن سان مرڪي، ڪريان مٺي ڪا بات
هن پڃري ۾ آءٌ اُبالو،
پکين پکيون ساڻ سڀالو،
طوطل ساڻ ڪدوالو ڪازو، پڃري مان ڪر آجو رام
پڃري مان ڪر آجو!

تو وڃي دولت پٺيان ايمان پئي،
هوش ۾ بي هوش آ انسان پئي،
پيار ٿيو بازار ۾ نيلام آ،
مُٺ مٽين لئي ڏرب ٿيو قتلام آ،
چاڙهن بيدرد جڳ جي ريت آ،
شاهه شاهوڪار جي ٿي جيت آ،

پيار جو دشمن بڻيو سارو جهان، هاءِ! ....
ڇو بڻيو انسان بي ايمان آ،
ڏين حيوان اڄيان حيران آ،
پيار ٿيو لاچار ۽ مجبور آ،
مذهب پنهنجي کان رکيو ويو دور آ،
نيهن تو ناٽي اڄيان پاٽي پري،
نيل بدران هاءِ تو پاٽي ڀري،
ڌرم جو هٿ مرم جو ناهي نشان، هاءِ! ....

جت ڏسو پاڄي رهيو اٿ پاپ آ،
ڌرم جو نالو نه ڪوئي جاپ آ،
روز اتياچار ٿو وڌندو وڃي،
بوجهه ڌرتيءَ جي مٿان چڙهندو وڃي،
ڍِر نه راحت نا خوشي جڙ خواب آ،
هاءِ هر ڪنهن جي اکين ۾ آب آ،
ڪير ٻڌندو درد جو هي داستان، هاءِ! ....

ڪار ڪلجڳ جي ڪريان ڪهڙو بيان،
هاءِ! روني ٿي زمين ۽ آسمان.

پيار جو محلات ڌن ڍاهي ڇڏيو
عشق جو ڏاوان سِر لاهي ڇڏيو،
زر سبب ڪيئي جوانيون ٿيون جلن،
چاهتون ٻي موت ماريون ٿيون وڃن،
ڇو اٿيو اڄ آدمي شيطان آ،
لوڀ ۾ انڌو بڻيو انسان آ.
حسن جو دولت ڇڏيو لاهي گمان، هاءِ! ....

جت ڏسو اُت آگ آ ۽ آگ آ،
سوانهن جي دامن مٿان پئي داغ آ،
ڪوڙ ڪرڏين لڄ حيائي ٿي وڃي،
موت جي زنجير پائي ٿي وڃي،
آ اٿيو ڏاوان عصمت جو ڏٽي،
۽ محبت جي وڪامي ٿي مٽي،
عشق جو لاهي ڪٽي ڪو آشيان، هاءِ! ....

پل پل جو پڙلاءُ ڏين ٿيون،
اپنيءَ جو اطلاع ڏين ٿيون،
گهڙيءَ گهڙيءَ لي ڳهرڪن ٿيون،
سئيون وقت جون سرڪن ٿيون.

ڪنهن کي ناهن ڪنهن کي باهن،
آسمان تان پٽ تي لاهن،
ڏين ڪن ۾ هي ڏڙڪن ٿيون،
سئيون وقت جون سرڪن ٿيون.

جن کي پنهنجي مستي آهي،
الڳ هنن جي هستي آهي،
ڪنهن لاءِ ڪين اٽڪن ٿيون،
سئيون وقت جون سرڪن ٿيون.

جنن جنن گذرن، عمر گهٽائن،
جنم مرڻ جي ويل ٻڌائن،
خود نه ذرا ئي ٻرڪن ٿيون،
سئيون وقت جون سرڪن ٿيون.

٦٩

سِپون وقت جون سرڪن ٿيون،
گھڙِي ڪري ٿي ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ،
پَل پَل پئي جڻ ترڪن ٿيون،
گھڙِي ڪري ٿي ٽڪ ٽڪ ٽڪ.

ٻاي هجن اونداهيون راتيون،
بادل گجيون ۽ برساتيون،
ڪڏهن نه ڪڏهن ڪان ڇرڪن ٿيون،
سپون وقت جون سرڪن ٿيون.

٧١

ھِن ۾ رام، ھُن ۾ رام - سڀ ۾ رام ئي رام ڙي،
آھ. رام کان مٺي اُھيءَ جو - پيارو مٺڙو نام ڙي،
سڀ ۾ رام ئي رام ڙي .

رشي مُني ۽ سنت سنياسي، ھن جا ئي گڻ ڳائن،
گياني ڌياني ۽ اوتاري، ھن جو ڌيان لڳائن،
مستيءَ ۾ جھومن ۽ ڳائن، رات صبح ۽ شام ڙي،
سڀ ۾ رام ئي رام ڙي .

سج ۾ چنڊ ۾ ۽ تارن ۾، چلڪي ھن جي ڇايا،
گلن ڦلن ۽ مکڙين ۾ ئي، مھڪي ھن جي مايا،
جڙ ۽ چيتن منجھ وسي ٿو، گھٽ گھٽ ۾ گھنشام ڙي،
سڀ ۾ رام ئي رام ڙي .

سنتن جي مک مان نڪتي آ، ويدن جي ھيءَ واڻي،
گھاگھر ۾ ساگر ۾ ساڳيو، لھر لھر ۾ پاڻي،
جل ۾ ٿل ۾ ۽ انبر ۾، ھر ھنڌ ھن جو ڌام ڙي،
سڀ ۾ رام ئي رام ڙي .

آءُ اڃي ڏس مُنهنجا ميت،
اڃا اڌورا مُنهنجا گيت!

هاڻي ڪٿي محفل ۾ گونجن،
ماڻهن جي دل دل ۾ گونجن،
پر مونکي جڏ ائين لڳي ٿو،
مون نه هنن لئي پاتي جيت،
اڃا اڌورا مُنهنجا گيت!

جام اڃان ڪنهن آندو آهي
من نه پيتو لڳ ماندو آهي،
مون نه چمن لئي آندو آ پر،
ڏٺي ڏئي ٿي مونکان ڀيٽ،
اڃا اڌورا مُنهنجا گيت!

هوُ نه هليا ويا ڳائي ڳائي،
رس وارا ڪي راڳ ٻڌائي،
آهه اُنهن لوڪن جي ڀر ۾،
منهنجي هار، هُنن جي جيت،
اڃا اڌورا مُنهنجا گيت!

٧٣

ٻڌهون هوس ٻڌن، ٻڌهون هاڻ آهيان،
مان اللهؐ جو نئي نہ اهڃاڻ آهيان!

خدا جي خدائي ۾ مهڙجي ڪري آ،
اُنهيءَ جي وڏائي ۾ مهڙجي ڪري آ،
ڏسڻ ۾ ٻه آهيون، اصل آهه هڪڙو،
نه مان دور هن کان، نه مون کان پري آ،
سدا ساڻ مون سان، مان هن ساڻ آهيان،
مان الله جو نئي نہ اهڃاڻ آهيان!

گهن ٺـن ٺـن گهنگهور، مچائي شور،
گهٽا اچ ڪـاري ڪـاري،
ساوڻ آ ٻـر زور، اهڙي ٿـو مـور،
ٿـي مـوسـم مـتـواري.

رت مستاني، پـريـم ديوالي،
مهڪي چوڌر سوانهن جوانـي،
ڪويل ڳائي، دلـڙيون گهائي،
منـڙا منـڙا سُـر گـولهائـي،
مينهن مندائون زور، مچائي شور ....

ڳيرا ڳائن، ڳت ڳت لائن،
لام لام تان ليـٽا پائن،
چيها چهڪن، ٻهه ٻهه ٻهڪن،
ديلون، مور، منونـڙا مهڪن،
جهڙ ڦـڙ ۽ گجگوڙ، مچائي شور ....

پيارپون پيارپون، ڪڪرپون ڪارپون
ملڪ متي لڪ پاڪ پلارپون،
ٻهري آئـي ساوڪ ساڻـي،
گهر گهر مچهه وري واڌائي،
ٿون ٿ چين ڪي چور، مچائي شور........

تـو كارڻ سرليون چڏيم، چڏيم ماءُ ۽ ٻيءُ، الا
سوڙن جي گهر ڏي نه وڃ، ور مون ٻيڙو ٿيءُ!

هٿڙا هي ميندي ۽ رتا، تن جو نرم ڇهاءُ،
وڃ نه پرين ٻهاج ڏي، وقت نه ورندو هيءُ، الا
ور مون ٻيڙو ٿيءُ!

مون توسان لائون لڌيون، تون ئي ٻاڳ، سُهاڳ،
لالڻ تو لاري لڳيس، آءٌ پرائي ڌيءُ، الا
ور مون ٻيڙو ٿيءُ!

اڱڻ ڇڏي پنهنجو، تڪين ٻيا در ڇا جي لاءِ؟
ڏي نه ڏهاڳ، سهاڳ کي، جهور نه جڏڙو جيءُ، الا
ور مون ٻيڙو ٿيءُ!

پوڙن ۾ پل پل وڃي، روڄن ۾ ڏينهن رات،
سيج سڄي مان هيڪلي، ڏيل ڏکائي سيءُ، الا
ور مون ٻيڙو ٿيءُ!

پرچي آءٌ پلنگ تي، ويهي ڪريون رهاڻ،
نيهن ٻري نيڻن منجهان، مان اوليان تون ٻيءُ، الا
ور مون ٻيڙو ٿيءُ!

ڏ الله منهنجي عنايت ڪئي آ،
پيو ٿي سندس ڪاڻ مون ۾ ٻئي آ،
سندس پُٽ ۽ باپ جي پريم جي،
سچي راند مون لئي رچائي وئي آ،
پيڙل آءُ مولين جو مهراڻ آهيان،
مان الله جو ٿي ڏ اهڃاڻ آهيان!

هئي موڪلڻ لئہ ڏ مولڪان پڇيائين،
ڏ ڪائي گجهي ڳالهہ مونسان ڪيائين،
اماڻي وري ٿو گهراڻي پلا چو؟
سندس هي مهاجار مونتي مڙهيائين؟
هئي موڪليو ويو، ڪرم ڪاڻ آهيان،
مان الله جو ٿي ڏ اهڃاڻ آهيان.

ڏ ڪا شيءِ جهڙي ٿي، ڏ ڪا شيءِ مري ٿي،
اها جوت هُت آ، اها هِت ٻري ٿي،
آ منهنجو اصل ڪان ٿي اقرار اهڙو،
ڏ هُن جي سري ٿي، ڏ منهنجي سري ٿي،
اڪت آءُ هولهن سندي ڪاڻ آهيان،
مان الله جو ٿي ڏ اهڃاڻ آهيان.

جڳ ۾ جرڪائن، ڀرم مِٽائن،
شل! روشن هر راهه ٻٽائن،
منهنجي روح جا روشندان!

سچ جا ڪِرڻا ساڻ کڻي هي،
چمڪ منجهان چانڊاڻ کڻي هي،
نُور سندي ٽا ساک سٽائن،
منهنجي روح جا روشندان!

آنديءَ ۾ ٻي چمڪڻ وارا،
طوفان ۾ ٻي جرڪڻ وارا،
سرشٽيءَ جو اندڪار مٽائن،
منهنجي روح جا روشندان!

گيان سدا ڪرڻا اوتيندا،
اگيانين کي راهه ڏسيندا،
ٽڪيل ٻورن کي دڳ لائن،
منهنجي روح جا روشندان!

٧٥

جنهن جي آهين تنهن ڏي تاڻ،
هٿڙي رهندين ڪنهن جي ڪاڻ!

اکڙيون آليون - پاڻ جهاليون،
جنهن لئه سو ته هليو ويو هاڻ،
هٿڙي رهندين ڪنهن جي ڪاڻ!

أهي راتڙيون - أهي باتڙيون،
ڪٿي أها رنگ رلي رهاڻ،
هٿڙي رهندين ڪنهن جي ڪاڻ!

پنڌ پڇائي - وک وڌائي،
سيگهه وڃي مل سوڍي ساڻ،
هٿڙي رهندين ڪنهن جي ڪاڻ!

رشين منين جي مُک مان اُٿي ويدن جي هيءَ وا
هڪ ڏينهن هي سنسار سڄو ٿي ويندو پاڻي پا

سج چنڊ پنهنجو تيج ڇڏيندو، کيتن ۾ کو ساو نه ٿيند
ڏار ڏار ٿي ويندي ڌرتي ، اهڙي پوندي ڪها
هڪ ڏينهن هي سنسار سڄو ٿي ويندو پاڻي پا

اهڙو لڳندو واءُ اٽانو ، وڻ ٽڻ ڪو به نه رهندو س
آنڌي ۽ اونداهي آٽي ، پرلءَ ڪندي پُڄا
هڪ ڏينهن هي سنسار سڄو ٿي ويندو پاڻي پا

پسو پکي انسان نه رهندا، ٿن جا ڪي به نشان نه ره
اُڙهندا ويندا لاش ڪروڙين ، ملندن ڪو نه مسا
هڪ ڏينهن هي سنسار سڄو ٿي ويندو پاڻي پا

ڌرتي ڌُڏندي انبر ڪرندو ، ڪوهه ڪاف پاڻيءَ ۾ اُڙه
سورج ، چنڊ، ستارن جي پڻ ، ٿيندي ختم ڪها
هڪ ڏينهن هي سنسار سڄو ٿي ويندو پاڻي پا



شاعر پنهنجي شعور
جي پرڙ يا آڌار
تي، جيڪي ۽ جنهن
وقت چوي ٿو لکي
ٿو، سندس اهي رچنا
۽ وچار ڪڏهن به
پراڻو ٿوڙي مدت
خارج ٿئي ٿو. چو نه
هن وشال - وشو ۾
هلندڙ وهنوار جي
گهڙيال (ڪال چڪر) جي سُئي الائي ڪڏهن وري
اچي لڳي اُنهي؟ سائنسي وچار کي ڇُهي ۽ ڇڙي،
جنهن کي شاعر پنهنجي طرح ٿوڙي مصراعن جي
بندن ۾ ٻڌي ڳنڍيو ۽ ڏنو آهي!

آخر ۾ اتروني عرض ڪندس ته شري مرچومل
سوني، ساري عمر مٽين ۽ موتين جي گهڙ - گهڙ ٿوڙي
ٽور لڪ ۾ گذاري آهي، جيڪي موتي اولهي ساگر
جي تري منجهه سپن جي پيٽ ۾ پليا ۽ لپيا آهن.
حقيقت ۾ ڪا صرافي نظر ئي انهن جي پرک ڪري
سگهندي ۽ بس!

هوندراج "دکايل"
آدي پور (ڪڇ)